# پارن لاء بائبل
## تحفو



يسوع جي
آزمائش جو
وقت

لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Byron Unger; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: M. Maillot; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

جڏهين يسوع
بپتسمو ورتو،خُدا
چيو، "هي مُنهنجو
پيارو پٽ. آهي جهن
کان آئون خُوش
آهيان، خُدا جو روح
يسوع تي ڪبوتر
جي وانگر لٿو."



جلدي انهي کان پوء، خُدا
جو روح يسوع کي جھنگ
۾ ڪڍي ويو. يسوع هُتي
اڪيلو هو.



يسوع چالهين ڏهين جو روزو رکيو.
انهي جو مطلب هي آهي ته نکو هن
ڪُجه کاڌو ۽ نکو ڪُجهه پيتون
انهي کي ڏادي بک لڳي.



بائبل بُڈاي ٿي ته هُتي جهنگلي جانور به هئا.



شيطان يسوع کي آزمائڻ آيو. گھڻو
پھرين ھُن باغ عدن ۾ آدم ۽ حواء کي
خُدا جي نافرماني ڪرڻ لاء آزمايو ھو.
ھاڻ يسوع آزمايو ويندو.



جيتوڻيڪ شيطان خُدا جي
پُٽ يسوع جي به آزمائش
ڪري سگهي ٿو.



"جيڪڏهن تون خُدا جو پٽ آهين،" شيطان چيو، "انهن پٿرن کي مانيءَ ۾ تبديل ڪر." هن کي خبر هئي ته يسوع بکيو هو. هن کي خبر هئي ته خُدا جو پٽ پٿر کي ماني ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو. ڇا يسوع شيطان جي فرمانبرداري ڪندو؟



نه! يسوع شيطان جي فرمانبرداري نه ڪئي. ان جي بدران، هن خُدا جي ڪلام مان جواب ڏنو. "انسان رڳو ماني سان جيئرو نه رهندو، پر هر لفظ سان جيڪو خُدا جي وات مان نڪرندو آهي."



پوءِ شيطان يسوع کي يروشلم جي وڏي شهر ۾ وٺي ويو، مقدس هيڪل ڏانهن جتي ماڻهو خُدا جي عبادت ڪندا هئا. شيطان اڳتي ڇا ڪندو؟



"جيڪڏهن تون خُدا جو پٽ
آهين، ته پاڻ کي هيٺ اڇلائي
ڇڏ،" شيطان چيو. "هن جو
لکيل چوي ٿو ته هن جا فرشتا
توهان کي بچائيندا."



"نه!" يسوع جواب ڏنو. "اهو پڙ لکيو ويو آهي ... 'توهان خُداوند  پنهنجي خُدا کي امتحان ۾ نه ڏيو.'"





شيطان وري ٻيهر ڪوشش ڪئي. هو يسوع کي شهر کان ٻاهر هڪڙي وڏي جبل جي چوٽيءَ تي وٺي ويو.

يسوع کي هر زميني بادشاهت جو سڀ
جلال ڏيکاريندي، شيطان چيو ته، "مان
اهو سڀ ڪجهه توکي ڏيندس، جيڪڏهن
تون هيٺ ڪرين مون کي سجدو ۽
منهنجي عبادت ڪندين."



"منهنجي پٺيان ڪان وڃ، شيطان!" يسوع حڪم ڏنو. "لکيل آهي 'توهان خُداوند پنهنجي خُدا کي سجدو ڪريو ۽ رڳو هن جي عبادت ڪريو.'" ...



شيطان ٿوري دير لاءِ يسوع کي
ڇڏي ڏنو. پوءِ ڪجهه عجيب
ٿيو. خُدا فرشتن کي تسلي
۽ سنڀال ڪرڻ لاءِ
سندس پٺ يسوع ڏاهن
موڪليو - جيهن
شيطان جي
فرمانبرداري
نه ڪئي.



# يسوع جي آزمائش جو وقت

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

متى4، لوقا 4

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏئي."
زبور 119: 130

ختم

38

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيو۽ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۓ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءُ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڑهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.